مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ءِ شعبا امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
20 نومبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 9 جمادي الآخر 1448ھ) جمعة المبارک
جو

قرآني بيان
بنام

ضِد ءِ هڻ ڏرمي (سيپارو: 1، سورهءِ بقرة: 75)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... نيڪي جي دعوت جو هڪ اهم مقصد
- ... بن اکين واري جهنمي ڪِچي
- ... ڇا تو جهڙو ماڻهو مون کي سمجهائيندو...؟
- ...عرش جي ڇانوَ جي طرف جلدي وڌندڙ

پيشڪش


GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)


FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 12، حديثِ پاڪ نمبر: 12 آهي:

لَيَرِدَنَّ الْحَوْضَ عَلَيَّ اَقْوَامٌ مَا اَعْرِفُهُمْ اِلَّا بِكَثْرَةِ الصَّلَاةِ عَلَيَّ

ترجمو: حوضِ ڪوثر تي مونکي اهڙيون قومون ملنديون، جن کي مان تمام گهٹو درودِ پاڪ پڑهڻ جي برڪت سبب ئي سڃاڻيندُس. [1]

اے دینِ حق کے رہبر تم پر سلام ہر دم	میرے شفیعِ محشر تم پر سلام ہر دم
کوئی نہیں ہمارا ہم کس کے دَر پہ جائیں	اے بیکسوں کے یاوَر تم پر سلام ہر دم
اپنے گدائے دَر کی لیجے خبر خدارا	کیجے کرم حسنؔ پر تم پر سلام ہر دم [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی فی ثواب الصلاة علی رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:129۔

[2] ...ذوقِ نعت، صفحه:168، 169 ملتقطاً۔

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ یُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَ قَدْ كَانَ فَرِیْقٌ مِّنْهُمْ یَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ یُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَ هُمْ یَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 75)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترجموكنزُالعرفان: پوءِ اي مسلمانو! ڇا توهان اها اميد ركو ٿا ته اهي توهان جي ڪري ايمان آڻيندا حالانڪ انهن ۾ هڪ ٽولو اهو هو جيڪي الله جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ان جي سمجهڻ کان بعد ڄاڻي واڻي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا.

پيارا اسلامي پائرو! اسان پهرين سيپاري جي سورت بقره جي آيت نمبر 75 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. پهريان عرض ڪيو ويو هو ته پهرين سيپاري ۾ آيت: 40 کان وٺي آخر تائين بني اسرائيل سان خطاب آهي.

بني اسرائيل مان مراد الله پاڪ جي نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جو اولاد آهي. حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن يارهن پائر، ۽ انهن مان اڳتي جيڪو به نسل هليو، انهن سيني کي بني اسرائيل چيو ويندو آهي.

انهن لڳ ڀڳ 100 آيتن جا 3 حصا (*Parts*) آهن: (1): پهرين حصي ۾ اهي بني اسرائيل جيڪي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن جهان ۾ جلوه افروز ٿيڻ کان اڳ هئا، انهن جي برائين، نافرمانين ۽ سرڪشين جو بيان آهي. (2): ٻئي حصي ۾ انهن بني اسرائيل جو ذڪر آهي، جيڪي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حَيَاتِ مبارڪ ۾ موجود هئا. (3): ٽئين حصي ۾ بني اسرائيل پاران اسلام تي ڪيل اعتراضن جا جوابَ آهن.

آيت: 75 کان ٻيو حصو شروع ٿي رهيو آهي، يعني هن کان اڳين آيتن تائين گذريل زمانن جي بني اسرائيل جو تذڪرو هو، هاڻي هتان کان وني رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ظاهري دور ۾ موجود بني اسرائيل جي بدعملين جو ذڪر شروع ٿي رهيو آهي.

آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

روايتن ۾ آهي: جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت فرمائي مدينو پاڪ تشريف فرما ٿيا، ان وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُتي موجود بني اسرائيل کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ انهن کي الله پاڪ جي ڪتاب ڏانهن سڏيو پر انهن مان ڪيئي بدنصيب ۽ بدبخت الله پاڪ جي ڪتاب ۽ دينِ حق کي ڪوڙو چوڻ لڳا. [1] جنهن تي هيءَ آيتِ مبارڪ نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو:

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ یُّؤْمِنُوْا لَكُمْ

ترجموڪنزُالعرفان: پوءِ اي مسلمانو! ڇا توهان اها اميد رکو ٿا ته اهي توهان جي ڪري ايمان آڻيندا. (سيارو: 1، البقرة: 75)

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اي منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابہ...!! ڇا اوهان اها اميد رکو ٿا ته هي بني اسرائيل اوهان جي تبليغ ڪندا، ان کي سچ ڄاڻي اسلام قبول ڪندا؟ انهن مان اها اميد نہ رکو! جو ته هي انتهائي سرڪش قوم آهي.

وَ قَدْ كَانَ فَرِیْقٌ مِّنْهُمْ یَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ یُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَ هُمْ یَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾

[1]...تفسير ڪبير، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:75، جلد:1، صفحه:559۔

ترجموڪنزُ العرفان: حالانڪ انهن ۾ هڪ ٽولو اهو هو جيڪي الله جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ان جي سمجهڻ کان بعد ڄاڻي واڻي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (سيپارو: 1، البقرة: 75)

يعني انهن ۾ هڪ ٽولو اهڙو به آهي جيڪي الله پاڪ جو ڪلام يعني توريت شريف پڙهندا به آهن، ٻڌندا آهن، ان کي سمجهندا به آهن پوءِ ڄاڻي واڻي ان ۾ تبديليون ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن انهن جي اخلاقي حالت ئي اهڙي آهي ته پوءِ هي ايمان ڪيئن آڻيندا! تنهنڪري اوهان انهن جي ايمان آڻڻ جي اميد نه رکو...!! [1]

(1) نيڪ بڻائڻ جي حرص

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان جي اها دلي خواهش هئي ته بني اسرائيل ڪلمو پڙهي جنت جا حقدار بڻجي وڃن پر جڏهن اهي ايمان نه آڻيندا هئا، ۽ حق بلڪل واضح ٿيڻ کان پوءِ به ان کي مڃڻ کان انڪار ڪندا هئا، تڏهن انهن اعليٰ مرتبي وارين پاڪ هستين کي سخت ڏک ۽ صدمو پهچندو هو. هن آيتِ ڪريمه ۾ کين تسلي ڏني وئي ته غمگين ٿيڻ جي ڳالهه ناهي، اوهان جي تبليغ نهايت سهڻي ۽ سمجهائڻ جو طريقو سٿو آهي، اصل ڏوهه انهن جو پنهنجو آهي جو انهن جي اندر حق ڳالهه قبولڻ جي صلاحيت ئي موجود ناهي. [2]

هتان معلوم ٿئي ٿو ته صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوان نيڪي جي دعوت جا حريص هئا، کين اها شدت سان تمنا هوندي هئي ته جيئن اسين ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وياسين، تيئن سمورا ماڻهو ڪلمو پڙهي وٽن، جڏهن به ڪو حق

---

[1]...تفسير بيضاوى مع حاشية شيخ زاده، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:75، جلد:2، صفحه:116 و118 ـ

[2]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:75، جلد:1، صفحه:482 مفصلًا ـ

ڳالهه قبول نه ڪندو هو ته ان تي نهايت غمگين ٿي ويندا هئا. ڪاش! اسان کي به اهڙي تڙپ نصيب ٿي وڃي!

يقين ڄاڻو! اڄ اسان جي معاشري (Society) ۾ برائين جي عام ٿي وڃڻ جي هڪ وڏي وجهه هيءَ به آهي ته اسان ۾ نيڪ ٻٽائڻ جو حرص ناهي رهيو ◈ پاڻ نماز پڙهون ٿا، پر بي نمازين کي ڏسي دل ۾ ڪو درد نٿو جاڳي، اها تمنا نٿي ايري ته انهن کي به نمازي ٻڌايان. ◈ پاڻ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريون ٿا، پر گهر ۾ ٻار يا گهرواري وغيره تلاوت نٿا ڪن ته ان تي ڪو رنج نٿو ٿئي ◈ پاڻ ڏاڙهي مبارڪ سجائي آهي، پر ڏاڙهي ڪوڙائيندڙن کي ڏسي دل ۾ ڪو افسوس نٿو ٿئي ◈ پاڻ گانا باجا نٿا ٻڌون، تمام سڀ ڳالهه آهي، پر ٻين کي گانا باجا ٻڌندي ڏسي ڪو ڏڪ نٿو ٿئي، دڪانن، گاڏين ۽ هوٽلن تي گانا باجا (Music) وڄي رهيا هوندا آهن، پر انهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي همت ناهي ٿيندي.

اها جيڪا اسان جي اندر هڪ ڪمزوري اچي وئي آهي ته ٻين کي نيڪ ٻٽائڻ جو جذبو گهٽ ٿي ويو آهي، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو لاڙو ختم ٿي رهيو آهي، ۽ الله پاڪ جي نافرماني ٿيندي ڏسي به دل رنجيده نٿي ٿي، هن ئي هڪ ڪمزوريءَ سبب اڄ هزارين برايون جنم وٺي رهيون آهن.

ٻيڙيءَ جا مسافر

ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جون حدون اورانگهيندڙن (يعني خُدائي احڪامن جي پيڪڙي ڪندڙن) ۽ ان معاملي ۾ سُستي يا لاپرواهي ڪندڙن (يعني طاقت هجڻ جي باوجود برائيءَ کان منع نه ڪرڻ) وارن جو مثال ائين آهي جيئن ڪجهه ماڻهو هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا، پاڻ ۾ ڪُٽو وڏائون، پوءِ ڪجهه ماڻهو ٻيڙيءَ جي مٿين حصي ۾ هليا ويا ۽ ڪجهه وري هيٺئين

حصي ۾ رهجي ويا، هاڻي هينئين حصي مان هڪ ماڻهو پاڻي پرڻ لاءِ متي ويندو هو، جنهن سبب متين ماڻهن کي تڪليف ٿيندي هئي. جيئن ته ان هينئين شخص کهاڙي کڻي ٻيڙيءَ جي هينئين حصي ۾ سوراخ ڪرڻ لڳو، مٿئين حصي وارا هيٺ آيا ۽ پڇيائون: يلا! هي چا پيو ڪرين؟ کهاڙيءَ واري سخص چيو: مون کي پاڻيءَ جي ضرورت آهي ۽ اوهان کي پاڻي ڏيڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي، ان ڪري مان سوراخ ڪري هينان سمند مان پاڻي ڪڍڻ لڳو آهيان.' پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن اهي مٹيان ماڻهو ان جي هٹ مان کهاڙي کسي ونندا ته سيئي ٻچي ويندا، جيڪڏهن هن کي سوراخ ڪرڻ ڏيندا ته (ٻيڙيءَ ۾ پاڻي پرجي ويندو ۽) سيئي ٻڏي هلاڪ ٿي ويندا. (1)

گناهن جي نحوست ٻين کي ب ۾ وڪوڙي وٺندي آهي

هن حديثِ پاڪ جي تحت مرآةُ المناجيح ۾ آهي: هن حديث شريف ۾ هڪ مثال ذريعي برائيءَ کان روڪڻ ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ جي اهميت کي واضح ڪيو ويو ۽ سمجهايو ويو آهي ته جيڪڏهن هي سمجهي ڪري اَمْرٌ بِّالْمَعْرُوْفِ وَ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ (يعني نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ) جو فرض ڇڏي ڏنو وڃي ته 'برائي ڪندڙ پاڻ ئي نقصان ڪٹندو، اسان جو ان ۾ ڪهڙو نقصان آهي! ته اها سوچ سراسر غلط آهي، ڇو ته ان جي گناهه جا اَثرَ سڄي معاشري کي وڪوڙي ڇڏيندا آهن. جهڙي طرح ٻيڙيءَ کي ٽوڙيندڙ صرف اڪيلو ناهي ٻڏندو، بلڪ اهي سڀ ئي ماڻهو غرق ٿيندا آهن جيڪي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهن، بلڪل ائين ئي برائي ڪندڙ ڪجهه ماڻهن جو اهو جُرم سموري سماج اندر ناسور بڻجي پکڙجي ويندو آهي. (2)

1...بخاری،کتاب الشہادات، باب القرعة فی المشکلات، صفحہ:692، حدیث:2686۔

2...مرآة المناجیح، جلد:6، صفحہ:533۔

اچو ته بارگاهِ رسالت ۾ هيءُ استغاثو عرض ڪريون ٿا:

عطا کر دو مجھے اِسلام کی تبلیغ کا جذبہ
مَیں بس دیتا پھروں نیکی کی دَعوت یارسولَ اللہ!
مجھے تم مَسلکِ اَحمد رَضا پر اِستقامت دو
بنوں خِدمت گُزارِ اَہلِ سُنّت یارسولَ اللہ![1]

نيڪيءَ جي دعوت جوهڪ اهم مقصد

پيارا اسلامي پائرو! اسان وٽ گهٽو ڪري ماڻهن جو ذهن هيءُ هوندو آهي ته: جيڪو مجي ئي نٿو ان کي چوڻ فضول آهي

هيءَ غلط ڳالهه آهي، اسان کي تعليم ڏني وئي آهي ته اهو شخص جنهن جي مڃڻ جي بلڪل به اميد نه رهي، نيڪيءَ جي دعوت ان کي به ڏيڻي آهي ته جيئن مٿس حُجت پوري ٿي وڃي. قرآنِ ڪريم ۾ آهي: اهي ماڻهو جيڪي بيحد ضدي ۽ هٿ ڏرم ماڻهن کي به نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا ئي رهندا هئا، انهن کي چيو ويو:

لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ

ترجموڪنزُ العرفان: توهان انهن ماڻهن کي چو نصيحت ڪيو ٿا جن کي الله هلاڪ ڪرڻ وارو آهي يا انهن کي سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي؟. (سپارو: 9، سورة الاعراف: 164)

يعني هي ضدي ۽ هوڏي ماڻهو جن کي ڳالهه مڃڻي ئي ناهي ۽ سڏي واٽ تي اڇڻو ئي ناهي، انهن تي عذاب ئي نازل ٿيندو، پوءِ اهڙي ضدي قوم کي

[1]...وسائل بخشش، صفحه:333 و 334 ملتقطًا

چو ٿا سمجهايو؟ انهن تي پنهنجو وقت چو ٿا ضايع ڪريو؟ انهن مُبلغين جواب ڏنو:

مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ

ترجموڪنزُ العرفان: توهان جي رب جي دربار ۾ عذر پيش ڪرڻ جي لاءِ. (سپارو: 9 سورة الاعراف: 164)

يعني اهي مڃين يا نه مڃين، اسان جو ڪم آهي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، جيڪڏهن مڃي وڃندا ته انهن جو ئي پلو، جيڪڏهن نه مڃيندا ته اسان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ هيءُ عذر ته پيش ڪري سگهنداسين ته مولا! اسان سمجهايو هو.

هي به نيڪيءَ جي دعوت جو هڪ اهم مقصد هوندو آهي ته اسان نيڪيءَ جي دعوت ڏني، اسان سمجهائي ڇڏيو، اسان جو فرض پورو ٿي ويو، هاڻي اڳيون ماڻهو ڄاڻي ۽ ان جو ڪم ڄاڻي! تنهنڪري اهي ماڻهو جيڪي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ مان تنگ ٿي ويندا آهن، ڇڏيو! جڏهن ڪنهن کي مجڻو ئي ناهي ته پوءِ چوڻ مان ڪهڙو فائدو! پنهنجو وقت وڃائڻ جو ڪهڙو فائدو، اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته هتان عبرت حاصل ڪن، نيڪيءَ جي دعوت جو ڪم ڪڏهن به نه روڪين. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بني اسرائيل جي ضد ۽ هٿ ڏرمي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَ قَدْ كَانَ فَرِیْقٌ مِّنْهُمْ یَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ یُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَ هُمْ یَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾

ترجموڪنزُالعرفان: حالانڪ انهن ۾ هڪ ٽولو اهو هو جيڪي اللہ جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ان جي سمجهڻ کان بعد ڄاڻي واڻي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (سيپارو: 1، البقرة: 75)

هي بني اسرائيل جو هڪ عيب آهي، يعني صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي چيو ويو ته اوهان انهن جي ايمان آڻڻ جي اميد نه رکو...!! ان جو سبب ڇا آهي؟ فرمايائون: ان ڪري جو اهي حق ڳالهه کي ڄاڻن به ٿا ۽ ڇڳيءَ ريت سمجهن به ٿا: ◈ پوءِ به حق جي عناد يعني سچ سان ڪُليل دشمنيءَ جي ڪري ◈ پنهنجي انا پرستي ۽ خودپسنديءَ جي ڪري حق کي مڃڻ لاءِ تيار نٿا ٿين ۽ جيڪو اهڙي طبيعت جو هجي، جيڪو حق سان دشمني رکڻ وارو هجي، ان تي ڪا به ڳالهه اثر ناهي ڪندي.

بني اسرائيل جي هٿ ڏرميءَ جو هڪ مثال

روايتن ۾ آهي: جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن هجرت ڪري مديني پاڪ ۾ تشريف کڻي آيا ته ان وقت بني اسرائيل جي سڀ کان وڏي عالِم حضرت عبداللہ بن سلام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، جيئن ئي رُخِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي ته سجاڻي ورتائون ته اَنَّ وَجْهَهٗ لَيْسَ بِوَجْهِ كَذَّابٍ بيشڪ هيءُ چهرو ڪنهن ڪوڙي جو ٿي ئي نٿو سگهي. [1] پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نبوت جي دعويٰ ۾ يقيناً سچا آهن. جيئن ته حضرت عبداللہ بن سلام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويا.

پاڻ ڪلمو پڙهڻ کان پوءِ عرض ڪيائون: يا رسولَ اللہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! بني اسرائيل نهايت ئي ضدي قوم آهي، جيڪڏهن منهنجو ايمان آڻڻ انهن تي ائين ئي ظاهر ڪيو ويو ته هو مون کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ۽ مون تي طرح طرح جا الزام لڳائيندا.

---

[1]...ابن ماجه، كتاب الاطعمة، باب اطعام الطعام، صفحه:530، حديث:3251۔

هاڻي رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن ڇا ڪيو جو حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪي پردي پٺيان لڪائي ڇڏيو انهن جي غير موجودگيءَ ۾ بني اسرائيل جي ماڻهن کان پڇيائون: ٻڌايو! عبدالله بن سلام اوهان جي ويجهو ڪيئن آهي...؟ انهن وراڻيو: واهه...!!واهه! انهن جو ڇا ته شان آهي، اهي اسان جا سيءِ کان وڏا عالم آهن، انهن سان ئي ته اسان جو شان آهي، اسان جي سڄي قوم جو سرمايو آهن.

هاڻي حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْه سامهون تشريف ونئي آيا ۽ چيائون: مان گواهي ڏيان ٿو ته محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا سچا رسول آهن. بس هي ٻڌڻ ئي هو جو بني اسرائيل اتي ئي پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويا، ۽ چوڻ لڳا: ها! ها! هي ته آهن ئي اهڙا! هي پاڻ ۾ نهايت بُرا آهن ۽ انهن جا والد ۾ بُرا هئا. (1)

الله! الله! هي آهي بني اسرائيل جي ضد، هڻ ڏرمي، عناد، حق سان دشمني ۽ انا پرستي. هاڻي ٻڌايو، جڏهن ڪنهن ٻانهي جي اهڙي حالت هجي ته پلا ان تي حق ڳالهه ڪيئن اثر ڪري سگهندي...؟

هن مان معلوم ٿيو ته "عنادِ حق" (يعني حق سان دشمني) ۽ انا پرستي نهايت خطرناڪ باطني بيماريون آهن، هي جنهن ۾ ماڻهوءَ جي دل ۾ هجن، ان کي گمراه ڪري ڇڏيندیون آهن، ۽ اهڙو ضدي ۽ هڻ ڏرم بڻائي ڇڏيندیون آهن جو انسان پنهنجي ڪُليل اکين سان معجزات ڏسي ڪري ۾ گمراهه ئي رهجي ويندو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته پاڻ کي خودپرستيءَ ۽ حق جي مخالفت کان پاڻ کي پاڪ ۽ صاف رکون.

1...بخاری، کتاب التفسیر، باب قوله من کان عدو لجبریل، صفحه:1111، حدیث:4480 خلاصةً۔

”عنادِ حق“ ڇاکي ڇئبو آهي؟

ڪنهن ديني ڳالهه کي درست مڃڻ جي باوجود صرف هڻ ڏرميءَ ۽ ضد جي ڪري ان جي مخالفت ڪرڻ عنادِ حق (حق سان دشمني) سڏيو ويندو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۲۴﴾

ترجموڪنزُ العرفان: (حڪم ٿيندو) توهان ٻئي هر وڏي ناشڪري ضديءَ کي جهنم ۾ وجهي ڇڏيو. (سپارو: 26، ق: 24)

يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن محشر جي ميدان ۾ پهچندا، تہ ملائڪن کي حڪم ٿيندو: هي جيڪي ناشڪرا، هڻ ڏرم ڪافر آهن، انهن سيني کي دوزخ ۾ وجهي ڇڏيو...!!

ٻن اکين واري جهنمي ڳچي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪان روايت آهي تہ حضور **نبي ڪريم**، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه مان هڪ ڳچي ٻاهر نڪرندي، جنهن کي 2 اکيون هونديون جن سان هوءَ ڏسندي، 2 ڪن هوندا جن سان هوءَ ٻڌندي، ۽ هڪ زبان به هوندي، جنهن سان هوءَ ڪلام ڪندي، ۽ هوءَ چوندي: مان 3 قسمن جي ماڻهن کي عذاب ڏيڻ لاءِ مسلط ڪئي وئي آهيان، سرڪش ۽ هڻ ڏرم تي، جيڪو الله سان گڏ غيرالله کي ملائي ۽ تصويرون ناهڻ واري تي. (1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هيءَ ڪيڏي نہ سخت سزا آهي! جيڪو هڻ ڏرم آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن ڳهلي جهنم ۾ اڇلايو

1...ترمذی، کتاب صفة جهنم، باب ما جاء فی صفة النار، صفحه:607، حدیث:2573۔

ويندو، ۽ ان تي دوزخ جي باھ مُسلط ڪئي ويندي، اسان کي گھرجي تہ ھڻ ڏرمي ۽ ضد کان پرھيز ڪريون، جڏھن ہ معلوم ٿي ويو تہ هي ديني حڪم آهي ◈ قرآنِ پاڪ اسان کي هي حڪم ڏنو آهي ◈ حديثِ پاڪ ﷺ هي حڪم آيو آهي ◈ شريعت هي فرمايو آهي، بَس پوءِ ان تي عمل ڪريون، ان آڏو ڪنڌ جھڪائي سرِ تسليم خم ڪريون ۽ ضد توڙي ھڻ ڏرميءَ کان پري رھندا ڪريون.

تڪبر۽ عاجزيءَ جا قسمَ

ھڪ معلوماتي ڳالھ عرض ڪريان: تڪبر ۽ عاجزيءَ جا ٻہ ٻہ قسم آھن. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انھن جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: تڪبر ہ ٻن قسمن جو ھوندو آهي ۽ عاجزي ہ ٻن قسمن جي ھوندي آهي.

(1): **پھريون قسم:** تواضُع عام (يعني عام عاجزي). مثال طور معمولي لباس ۽ سادي سواريءَ وغيره تي قناعت ڪري ونڻ، اھا عام تواضع آهي. جڏھن تہ پاڻ کي ان کان مٿانھين حيثيت جو اھل سمجھڻ (مثلاً پاڻ کي ٻين کان برتر ۽ ٻين کي پاڻ کان گھٽ يا حقير سمجھڻ) هي عام تڪبر آهي.

(2): **ٻيو قسم:** خاص تواضُع (يعني خاص عاجزي). اھا ڇا آهي: پاڻ کي حق ڳالھ قبول ڪرڻ جو عادي بنائڻ. ۽ ان جي اُبتڙ، يعني حق ڳالھ مڃڻ کان لنوائڻ، پاڻ کي ان کان مٿانھون توڙي وڏو سمجھڻ، هي خاص تڪبر آهي.

ضِدَ جا مثال

افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اڄڪلھ اسان وٽ ہ ضدي ھجڻ (يعني هي خاص تڪبر جيڪو آهي، هي) ڏينھون ڏينھن وڌي رھيو آهي◈ ڪيترائي اھڙا ماڻھو آھن جيڪي حق ڳالھ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناھن ٿيندا، ٻڌندا آھن تہ مڃڻ لاءِ تيار ئي ناھن ٿيندا ◈ نيڪيءَ جي دعوت ٻُڌي حيلا بھانا ڪرڻ ◈

معمولي ڳالهين کي پنهنجي اَنا جو مسئلو بنائي ونڻ عام آهي ◈ گهٽا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي ڪنهن نصيحت کي پنهنجي تذليل ۽ بي عزتي سمجهندا آهن ◈ گهرن اندر ڏسجي ته نياڻيءَ وارا، چوڪري يا انهن جي گهر وارن کي سمجهائي نٿا سگهن ◈ ننڍن خاندانن وارا وڏن گهراڻن وارن کي نٿا سمجهائي سگهن ◈ عام ماڻهو ڪنهن وڏي حيثيت واري کي نٿو سمجهائي سگهي ◈ عوام ڪنهن دنياوي عهديدار کي نٿو سمجهائي سگهي ◈ مسجدن ۾ ڪو نوجوان عالم يا ديني مبلغ ڪنهن وڏي ڄمار واري بزرگ کي نٿو سمجهائي سگهي، ماڻهو سمجهائڻ تي تپي باهه ٿي ويندا آهن، نيڪيءَ جي دعوت کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي ونندا آهن، اهو ئي خطرو هوندو آهي ته مان ڪا چگي ڳالهه ٻڌايان ته ٿي سگهي ٿو سامهون وارا ڳچيءَ ۾ نہ پئجي وڃن ◈ هڪ پيري هڪ امام صاحب جماعت شروع ٿيڻ کان اڳ اعلان ڪيو: ننڍن ٻارن کي صفن ۾ نہ بيهاريو! ننڍن ٻارن جي صف سڀ کان آخر ۾ بڻايو! هڪ صاحب پنهنجي ننڍڙي ٻار کي ساڻ وٺي پهرين صف ۾ بينل هو، امام صاحب جو اعلان ٻڌندي ئي ڪاوڙ مان رڙ ڪري چوڻ لڳو: چو...؟ ٻار کي پوئتي چو ڪريون؟ هن جو ڪهڙو قصور آهي؟

هاڻي اوهان ئي ٻڌايو! ان ۾ ويچاري امام صاحب جو ڪهڙو ڏوهه آهي، ننڍن ٻارن جي صف آخر ۾ بڻائڻ جو حڪم ته شريعت ڏنو آهي، اسان کي گهرجي ته حڪم جي پيروي ڪريون ◈ هڪ صاحب ڪٽي ڪاڏي لاءِ وينل هو، پرسان ئي هڪ صاحبِ علم به وينو هو. دسترخوان تي اوجهري آڻي رکي وئي، ان صاحبِ علم پرسان وينل شخص کي چيو: اوجهري کائڻ مڪروهه آهي، تنهنڪري نہ کائجو. هاڻي جيڪو پر وارو همراهه هو، ان چا ڪيو؟ ٿالهي (*Plate*) پنهنجي طرف چڪي ورتائين، گڏوگڏ کائي به رهيو آهي ۽ ساڻئي وقت ان صاحبِ علم کان پڇي به رهيو آهي: هان...!! چا

واقعي؟! اوجهري کائڻ مکروهه آهي؟ ان جو دليل ڇا آهي؟ ڪهڙي حديث ۾ آيل آهي؟" الامان والحفيظ...!! هي آهي: عناد، ضد ۽ هٹ ڏرمي! اها عادت اسان کي ڪيڏ گهرجي. حق ڳالهه جڏهن به اسان کي ٻڌائي وڃي، اها فوراً قبول ڪيون. عمل ۾ ڪمزوري هجڻ الڳ ڳالهه آهي، پر حق ڳالهه ٻڌي اڻجي وڃڻ ۽ ان کي مڃڻ بدران ابتو سمجهائڻ واري کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ، هيءَ بُري ڳالهه آهي. اڇڪلهه اهو رَوَيو به عام ٿي رهيو آهي، جڏهن به ڪو نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ٿو ته ماڻهو ان جي ذات ۾ خاميون ڳولڻ لڳن ٿا، مثال طور ◈ ها! ها! وڏو ڪو حاجي ٻڌجي آيو آهين....!! ◈ تون اسان کي سمجهائيندين ◈ تو جهڙا گهٽائي ڏنا آهن ◈ ۽ کي بيباڪ ته ايتري تائين چئي ويندا آهن: مولانا صاحب...!! پنهنجو رستو ونو! اسان ڇاڻون ۽ اسان جو رب ڇاڻي.

ڇا تو جهڙو ماڻهو مون کي سمجهائيندو...؟

لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه...!! پيارا اسلامي ڀائرو! اهي تمام سخت جُملا آهن. اهڙيون ڳالهيون هرگز زبان تي نه آڻڻ گهرجن...!! صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: الله پاڪ وت وڏن گناهن مان هڪ اهو به آهي ته جنهن وقت ڪنهن کي چيو وڃي ته الله پاڪ کان ڊڄ! ته هو اڳيان کان چوي: تون پنهنجو فڪر ڪر...!! ڇا تو جهڙو ماڻهو مون کي حڪم ڏيندو؟ [1]

الله! الله! اندازو لڳايو! اهو ڪيترو سخت جرم آهي. اسان وت ته اهڙيون ڳالهيون عام آهن. ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي وڏي دليري سان چئي ڇڏيندا آهن: وجو! ادا پنهنجو ڪم ڪريو...!! ليڪچر نه ٻڌايو...!!

[1]... معجم کبير، من اسمه عبدالله، جلد:4، صفحه:469، حديث:8508۔

انا جو مسئلو بٹائڻ

هڪ منافق هو: اَخْنَس بن شُرَيْق. قرآن ڪريم ۾ ان جي هي وصف بيان ٿي آهي ته

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن ان کي چيو وڃي ته الله کان ڊڄ ته ان کي ضد ويتر گناهه تي اڀاري ٿو. (سپارو: 2، البقرة: 206)

يعني اهو منافق ايترو ته سخت دل ۽ بدباطن آهي جو جڏهن ڪو مسلمان ان کي سمجهائي، نيڪي جي دعوت ڏئي، چوي ٿو ته گناهن کان بچو...!! الله پاڪ کان ڊڄو! ته ان جي ڪوڙي عزت ان کي وڌيڪ گناهن تي اڀاري ڇڏيندي آهي، اها ڳالهه مڃڻ بدران چوندو آهي: مون عزت واري کي هن معمولي مسلمان نصيحت ڪئي، هاڻي ته مان ڊبل (Double) گناهه ڪندس. [1]

ان بدبخت منافق جي سزا ڪهڙي آهي؟ اها به پُڌي ونو! الله پاڪ فرمايو:

فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ته اهڙي کي جهنم ڪافي آهي ۽ اهو ضرور تمام بُرو ٺڪاڻو آهي. (سپارو: 2، البقرة: 206)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: بدترين شخص اهو آهي جيڪو نصيحت جي ڳالهه ٻڌي ڪري ابتو ضد ۾ اچي وڃي. حديث شريف ۾ ان کي ڪبيره گناهه فرمايو ويو آهي. [2]

---

[1]...تفسير طبري، پاره:2،سورۂ بقرة، زيرِ آيت:206، جلد:2، صفحه:331 و 332 بتغير قليل۔

[2]...تفسير نعيمي، پاره:2، سورۂ بقرة، زيرآيت:206، جلد:2، صفحه:335۔

غلطي تي ضد ڪرڻ

هڪ عادت اها ۽ ماڻهن ۾ وڌي رهي آهي ته اهي پنهنجي غلطي مڃڻ بدران ان تي اڙِجي ويندا آهن، اهو ڄاڻيندا ۽ آهن ته مون کان غلطي ٿي وئي آهي، پوءِ ۽ پنهنجي عزت جي خاطر، نفس ۽ شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي ڪري پنهنجي غلط ڳالهه کي دليلن سان درست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهن. هيءَ ۽ تمام بُري عادت آهي. ڏسو! جيڪڏهن اسان بيمار آهيون، اسان لڪ چوندا رهون ته مان بيمار ناهيان، ان تي دليل ۽ ڏيندا رهون، ته ڇا بيماري ختم ٿي ويندي؟ هرگز نه! هڪ شخص هو، ان کي هارٽ اٽيڪ (Heart Attack) آيو، بعض اوقات ماڻهو صحت مند هجي ته اهو ۽ ممڪن آهي ته ان کي هارٽ اٽيڪ (***Heart Attack***) اڃڻ جو گهٽو جهٽڪو نه لڳي، ان سان ۽ ائين ئي ٿيو، ان جي سِيني ۾ سخت درد ٿيو، پوءِ ٽيڪ ٿي ويو. دوست احبابن چيو: ياءُ...!! اهو ڪو عام درد نٿو لڳي، چيڪ اپ ڪرائي ونو! پر اهو مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو، ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر هارٽ اٽيڪ آيو، هاڻي هو ڊاڪٽر وٽ پهتو ته خبر پئي ته هي ٻيو اٽيڪ هو، جيئن ته ان جو علاج شروع ڪيو ويو پر هاڻي دير ٿي چڪي هئي. ويچارو جان جي بازي هارائي ويو.

ائين ئي روحاني امراض (حسد، تڪبر، بغض وغيره) جو ۽ حال آهي، اسان لڪ چوندا رهون ته مون کان غلطي ناهي ٿي، مون جيڪو ڪيو آهي، اهو بلڪل ٽيڪ آهي. جيڪڏهن اها غلطي آهي ته پوءِ غلطي ئي آهي. اسان جا دليل ان کي درست نه ڪري سگهندا. ان ڪري اسان کي پنهنجي غلطي مڃي ونڊ گهرجي.

ياد رکو! دنيا ۾ ته زبان هلائي، حيلا بهانا ڪري، اُبتا سُبتا دليل ڏئي، وڏي عمر، طاقت، منصب وغيره جي ڏاڪ ويهاري اسان سامهون واري کي چپ ڪرائي سگهون ٿا، پاڻ کي تسلي ڏئي سگهون ٿا پر قيامت جي ڏينهن ائين

هرگز نہ ٿي سگھندو، هاءِ! قيامت جي ڏينهن مجرمن جي منهن تي مهر لڳائي ويندي ۽ اسان جا پنهنجا ئي عضوا اسان جي خلاف گواهي ڏئي رهيا هوندا، ان وقت اسان جون زبان درازيون، طاقت ۽ منصب ڪجھ بہ ڪم نہ ايندا.

آج بتاؤں مُعَزَّز جو کُھلے حَشْر میں عَیب
آہ! رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارَبّ![1]

يقين ڄاڻو! ضد ۽ هٹ ڏرمي انتهائي خطرناڪ بيماري آهي، جيڪو غلطي ٻڌائڻ واري جي ڳالھ ٻڌي انصاف سان پنهنجي ڪردار تي غور نڏو ڪري، اهو ڪڏهن بہ پنهنجي اصلاح نڏو ڪري سگھي. ڏورو غور ڪريو! ابوجهل، عُتبہ ۽ شَيْبہ جهڙا بدترين غير مسلم زمانۂ جاهليت ۾ ڪيئن عزت دار سمجهيا ويندا هئا، انهن پنهنجين اکين سان معجزا ڏٺا، پٿرن کي ڪلمو پڙهندي ڏٺو، وٽن کي سجدو ڪندي ڏٺو، چند بہ ٽڪرا ٿيندي ڏٺو پر افسوس! انهن بد انجامن ضد ۽ هٹ ڏرمي جو رستو اختيار ڪيو، آخرڪار الله پاڪ انهن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي ۽ اهي ڪفر جي ئي حالت ۾ مري جهنم جو ٻارڻ ٻڌجي ويا. سيپارو: 1، سورت البقره، آيت: 7 ۾ انهن ازلي غير مسلمن جي متعلق ارشاد ٿيو:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْؕ
وَعَلٰۤى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌۖ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ۝۷

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي پردو پيل آهي ۽ انهن لاءِ تمام وڏو عذاب آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 7)

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:85۔

حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ضد جو علاج ڪنهن عالم وٽ ناهي ۽ وهم جي دوا ڪنهن طبيب وٽ ناهي، جنهن کي رَهْبَر (يعني اصلاح ڪرڻ واري) جي ذات سان دشمني هجي، هو ان جي هر ڳالهه جو انڪار ئي ڪندو آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! غلطي مجي ونڻ بي عزتي ناهي بلڪ عزت جي ڳالهه آهي، معصوم (يعني غلطي کان بلڪل پاڪ) صرف انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ فرشتا آهن، انهن کان سواءِ هر انسان کان خطا ٿي سگهي ٿي، البت هدايت هميشه اهو ئي ماڻيندو آهي جيڪو پنهنجي غلطي مجي ۽ سنجيدگي سان پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪري.

حديث پاڪ ۾ آهي: كُلُّ بَنِيْ آدَمَ خَطَّاءٌ وَ خَيْرُ الْخَطَّائِيْنَ التَّوَّابُوْنَ هر انسان کان غلطي ٿيندي آهي، غلطي ڪرڻ وارن ۾ بهترين اهو آهي جيڪو توبه ڪري. (2)

حق ڳالهه فوري طور قبول ڪري ونو!

نيڪ بانهن جي هيءَ عادت هوندي آهي تہ اهي چاهي غلط نہ هجن، تڏهن بہ نيڪي جي دعوت کي فوري طور قبول ڪري وٺندا آهن. هڪ پيري حضرت مالِک بن مِغْوَل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن چيو: اِتَّقِ اللهَ! کان ڊجو...!! تہ پاڻ عاجزي ڪندي هڪدم پنهنجو رخسار (ڳل) زمين تي رکي ڇڏيو. (3)

تفسيرِ قرطبي ۾ آهي: هڪ غير مسلم هو، ان کي ڪا ضرورت هئي، هو پنهنجي حاجت جو سوال ڪٹي خليفي هارون الرشيد جي دربار ۾ ويندو هو، ڪافي دير انتظار ڪندو هو پر ان جي ضرورت نہ پڌي ويندي هئي، نہ ئي

1...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، تحت الآية:6، جلد:1، صفحه:151بتغير قليل۔

2... ابن ماجه، كتاب الزُّہد، باب ذِكرِ توبه،صفحه:689، حديث:4251۔

3...معجم صغير، من اسمه ابراہيم، صفحه:186، حديث:222۔

پوري ٿيندي هئي. هڪ سال تائين هو ائين ئي بادشاهه جي دروازي جا چڪر ڪاٽيندو رهيو. هڪ ڀيري ائين ٿيو جو اهو غير مسلم بادشاهه جي دروازي تي بينو هو، ايتري ۾ خليفو هارون الرشيد گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر نڪتا.

غير مسلم پڪاري وڌي آواز سان چيو: اِتَّقِ اللّٰهَ يَا اَمِيْرَ الْمُؤْمِنِيْن! اي اميرالمؤمنين! الله کان ڊڄو...!!

بس اهو بُڌڻ هو تہ خليفو هڪدم گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ الله پاڪ جي حضور مٿو سجدي ۾ رکي ڇڏيائون، پوءِ جڏهن سجدي کان فارغ ٿيا تہ غير مسلم پنهنجي ضرورت پيش ڪئي، خليفي هڪدم ان جي ضرورت پوري ڪري ڇڏي. ڪنهن پڇيو: سائين! توهان هڪ غير مسلم جي ڳالهه تي ايترو اهتمام ڪيو...؟ گهوڙي تان لٿا، سجدو ڪيو، پوءِ جلدي مان ان جي ڳالهه بُڌي ۽ ضرورت پوري ٻہ ڪري ڇڏي. خليفي چيو: نہ...!! مون اهو سڀ ڪجهه ڪنهن غير مسلم جي ڳالهه تي نہ ڪيو بلڪ مون کي تہ الله پاڪ جو اهو فرمان ياد اچي ويو هو تہ

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن ان کي چيو وڃي تہ الله کان ڊڄ تہ ان کي ضد ويتر گناهه تي اڀاري ٿو. (سيپارو: 2، البقرة: 206)

پوءِ مون حق ڳالهه قبول ڪئي ۽ سجدو ڪري الله پاڪ کان ڊڄڻ جو عملي اظهار ڪيو. (1)

هي آهي حق ڳالهه قبول ڪرڻ...!! اسان کي ٻہ گهرجي تہ جڏهن ٻہ نيڪي جي دعوت ڏني وڃي تہ ان جو اثر قبول ڪندا ڪريون. مثال طور ◈ ڪنهن

[1]...تفسير قرطبي، پاره:2، سورۂ بقرة، زير آيت:206، جلد:2، صفحه:15۔

چيو: ياءُ! نماز پڑهو...!! هاڻي جيڪڏهن توهان نمازي آهيو، پنجن وقتن جي نماز باجماعت ادا ڪندا آهيو، مسلمان ياءُ نيڪي جي دعوت ڏني آهي نہ...!! ان کي قبول ڪريو! نرمي سان چئو: جي بهتر! مان پڑهي ونان ٿو. يا چئو: هلو! مان توهان سان گڏ ئي هلان ٿو. ◈ ڪنهن نيڪي جي دعوت ڏني: ياءُ درود شريف پڑهندا ڪريو! جيتوڻيڪ توهان درود شريف پڑهندا آهيو، پوءِ بہ نيڪي جي دعوت قبول ڪندي هڪدم هڪ پيرو درود شريف پڑهي ونو! ◈ ڪنهن راهِ خدا ۾ صدقو ڏيڻ جي ترغيب ڏياري، جيتوڻيڪ توهان پهريان بہ صدقو ڏيندا رهيا آهيو، ان جي ترغيب ڏيارڻ تي جيڪڏهن ٿي سگهي تہ چاهي هڪ روپيو ئي هجي، هڪدم صدقو ڪري ونو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪي جي دعوت قبول ڪرڻ جو ثواب ملندو.

عرش جي چانوَڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ وارو

مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا کان روايت آهي: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: چا توهان ڄاڻو ٿا تہ قيامت جي ڏينهن عرشِ الٰهيءَ جي چانوَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ وارو ڪير هوندو؟ صحابہءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اللّٰه ۽ ان جا رسول خوب ڄاڻن ٿا. فرمايائون: اهي ماڻهو جو جڏهن حق ڏنا وڃن تہ ان کي قبول ڪري ونن. (1)

مرآةُ المناجيح ۾ آهي: ان جي هڪ معنيٰ هي آهي تہ اهي ماڻهو جو جڏهن کو انهن کي حق ڳالهہ ٻڌائي تہ ان کي قبول ڪري ونن ۽ ٻڌائڻ واري جو احسان مڃن، ان کي قبول ڪرڻ ۾ شرم محسوس نہ ڪن، اهي ماڻهو عرشِ الٰهيءَ جي چانوَ ۾ تيزيءَ سان پهچي ويندا. (2)

1...الزهد لامام احمد بن حنبل، زيد عبيد بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، صفحہ:449، حديث:2376۔

2...مرآة المناجيح، جلد:5، صفحہ:365۔

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان نيڪي جي دعوت قبول ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فتاويٰ رضويہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي (T.I) ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هاڻي ئي هڪ شاندار موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: فتاويٰ رضويہ (Fatawa e Razvia). ◈ هن ايپليڪيشن ۾ فتاويٰ رضويہ جا تمام جلدَ شامل آهن ۽ هر جلد جي تحت رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي. ◈ فتاويٰ رضويہ جي تمام رسالن (جيڪي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيچيل سوالن جي جوابن ۾ تحرير فرمايا هئا انهن) جي الڳ فهرست پڻ موجود آهي. ◈ ايپليڪيشن ۾ هڪ تمام بهترين فيچر ايڊوانس سرچ (Advanced Search) جو آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهہ کي تمام آسانيءَ سان سرچ ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن خاص جلد يا خاص رسالي ۾ بہ سرچ ڪرڻ جي سهولت موجود آهي ◈ جلد (Volume) کي چونڊي ان ۾ گهربل صفحي (Page) تي وڃي سگهجي ٿو ◈ الفاظن جي فونٽ سائيز (Font Size) پڻ پنهنجي مرضيءَ مطابق ايڈجسٽ ڪري سگهجي ٿي ◈ ايپليڪيشن ۾ پنهنجي پسنديده ڳالهہ کي نوٽس (Notes) جي فيچر ۾ لکي محفوظ ڪرڻ، پسنديده (Favorites) لسٽ ۾ شامل ۽ شيئر (Share) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڇاڻيءَ ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چاآهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: بنا ڪنهن عذر جي گرم ٽوپي مَٿي تي رکي نماز پڙهڻ مکروهِ تنزيهي آهي.

وضاحت: اسان وٽ پاڪستان ۾ سياري جو موسم شروع ٿيڻ وارو آهي، عام طور سياري ۾ گرم ٽوپي پاتي ويندي آهي. مسئلو ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! گرم ٽوپي ائين پائڻ جو پيشاني ڍڪجي وجي، ۽ بلا ضرورت ان حالت ۾ نماز پڙهڻ مکروهِ تنزيهي (يعني شرعاً ناپسنديده) آهي. ها! جيڪڏهن ٽوپي ايتري ٽُلهي هجي جو پيشاني چگيءَ طرح زمين تي نہ جمي وجي، زمين جي سختي محسوس نہ ٿئي، ان صورت ۾ نماز ئي نہ ٿيندي. تنهنڪري بهتر اهو آهي تہ اهڙي ٽوپي وغيره پيشاني تان هٽائي پوءِ نماز پڙهي وجي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

گناهن کان بچڻ جو نسخو (وظيفو)

سُوْرَةُ الْاِخْلَاص

جيڪو شخص صبح جو 11 ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهندو، جيڪڏهن شيطان

[1] ...فتاوٰی اہلسنت (غیر مطبوعہ)، فتوٰی نمبر:Wat:1357۔

پنهنجي لشڪر سان ملي ڪري ۽ ان شخص کان گناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو تڏهن ۽ ڪرائي نه سگهندو، جستائين اهو شخص پاڻ گناهه نه ڪري. [1] الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...وظيفة الكريمه، صفحه:9 و10۔